# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2000

# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance No.X of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.X of 2000

4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Ordinance No.X of 2000

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Ordinance No.X of 2000

6. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2000

# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[14 نومبر 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ٿيل 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 جي آرٽيڪل (2)3 تحت صوبي جي گورنر کي چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9 جي آرٽيڪل 4 تحت، صوبي جو گورنر چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي آرڊيننس جاري

۽ نافذ ڪري سگهي ٿو؛
۽ جيئن تہ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جو نمبر 8) تحت، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبي ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ جو اختيار ڏنو آهي؛
۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛
هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اختيارن ۽ ڪيس سونپيل ٻين سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظ "ديهن" کانپوءِ ڪامائن ۽ لفظن "يا، علائقن جي صورت ۾ جتي سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 تحت زمينن جو سيٽلمينٽ نہ ٿيو آهي، هڪ يا وڌيڪ آبادي جي آدمشماري جا ڳوٺ" شامل ڪيا ويندا. | 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of Sindh Ordinance No.X of 2000 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (b) ۾ لفظ "ورڪرس" کانپوءِ لفظن "بشرطيڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيٽ موجب" شامل ڪيا ويندا. | 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 6 جي ترميم |

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.X of 2000

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Ordinance No.X of 2000

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (b) ۾ لفظ "ورڪرس" کانپوءِ لفظن "بشرطيڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيٽ موجب" کي شامل ڪيو ويندو.

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Ordinance No.X of 2000

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 9 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"9. خاص اقليتي سيٽون. هڪ مڪاني علائقي ۾ جتي اقليتي آبادي علائقي جي ڪل آبادي ڏهہ سيڪڙو ڪان وڌيڪ آهي، گڏريل دفعات ۾ ڄاڻايل سيٽون اهڙيءَ ريت ڏنيون ويندون جيئن حڪومت طئي ڪري."

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Ordinance No.X of 2000

6. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 13 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو، يعني:

"(2) يونين ڪائونسل جي ميمبرن جي چونڊن لاءِ يونين هڪ گڏيل ميمبرن جو وارڊ هوندو، سواءِ يونين ناظم ۽ نائب ناظم جي."؛ ۽

(ii) ذيلي دفعہ (3) کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**